# فاتحہ ۽ ايصال ثواب
# جو طريقو




شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطّار قادري رضوي** دامت بركاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جن جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فاتحہ ۽ ايصالِ ثواب
# جو طريقو

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر:** 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فاتحہ ۽ ايصال ثواب جو طريقو

شيطان ڪيترو بہ روڪي پر هي رسالو مڪمل پڙهي پنهنجي آخرت جو ڀلو ڪريو.

## مرحوم رشتيدار کي خواب ۾ ڏسڻ جو طريقو

حضرت علامہ ابوعبدالله محمد بن احمد مالڪي قرطبي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي نقل ڪن ٿا: حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي هڪ عورت عرض ڪيو: منهنجي جوان نياڻي فوت ٿي وئي آهي، ڪو طريقو ارشاد فرمايو جو مان ان کي خواب ۾ ڏسان، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان کي عمل ٻڌايو، ان پنهنجي مرحومہ نياڻي کي خواب ۾ ان حال ۾ ڏٺو جو ان جي بدن تي تارڪول (يعني ڏامر) جو لباس، ڪنڌ ۾ زنجير ۽ پيرن ۾ ٻيڙيون لڳل آهن! اهو هيبتناڪ منظر ڏسي اها عورت ڏڪي وئي! ان ٻئي ڏينهن حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي کي خواب ٻڌايو، خواب ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڏاڍا غمگين ٿيا. ڪجھ وقت کان پوءِ حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي خواب ۾ هڪ ڇوڪريءَ ڏٺي جيڪا جنت ۾ مٿي تي تاج سجايو هڪ تخت تي ويٺي آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڏسي اها چوڻ لڳي: ”مان ان عورت جي نياڻي آهيان جنهن اوهان کي منهنجي حالت ٻڌائي هئي.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: ان جي چوڻ مطابق تہ تون عذاب ۾ هئين، نيٺ اها تبديلي ڪيئن آئي؟ مرحومہ ٻڌائڻ لڳي: قبرستان وٽان هڪ شخص لنگهيو ۽ ان مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

هدايت، نوشهءِ بزمِ جنّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪليو، ان جي درود شريف پڙهڻ جي برڪت سان **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان 560 قبر وارن تان عذاب ٽاري ڇڏيو. (التذكرة في احوال الموتىٰ و امور الآخرة ج 1 ص 74) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهي حڪايت مان معلوم ٿيو ته پهرين جي مسلمانن جو بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين ڏانهن گهڻو لاڙو هوندو هو، انهن جي برڪتن سان ماڻهن جا مسئلا به حل ٿي ويندا هئا. هي به معلوم ٿيو ته مرحوم عزيزن کي خواب ۾ ڏسڻ جو مطالبو ڪرڻ ۾ سخت امتحان به آهي، جيڪڏهن مرحوم کي عذاب ۾ ڏنائين ته پريشاني ۾ مبتلا ٿي پوندو. انهيءَ حڪايت مان ايصالِ ثواب جي برڪت جي باري ۾ معلومات حاصل ٿي ۽ هي به خبر پئي ته رڳو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمتن جي کهڙي ڳالهه ڪجي! جيڪڏهن اهو هڪ درود شريف قبول فرمائي ته ان جي ايصالِ ثواب جي برڪت سان قبرستان وارن سڀني تي جيڪڏهن عذاب هجي ته پري ڪري سگهي ٿو ۽ انهن سڀني کي انعام ۽ اڪرام سان مالا مال فرمائي سگهي ٿو.

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رحمٰن ہے ترا یارب!
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے ترا یارب!
تُو کریم اور کریم بھی ایسا کہ نہیں جس کا دوسرا یارب!

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! جنهن جا والدين يا انهن مان ڪو هڪ فوت ٿي ويو هجي ته انهن کي گهرجي ته انهن جي حوالي سان غفلت نه ڪن، انهن جي قبرن تي حاضري ڏيندا رهن ۽ ايصالِ ثواب به ڪندا رهن. انهيءَ باري ۾ 5 **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ملاحظه فرمايو:

## ﴿1﴾ مقبول حج جو ثواب

جيڪو ثواب جي نيّت سان پنهنجي والدين يا ٻنهي مان هڪ جي قبر جي زيارت ڪري، مقبول حج جيترو ثواب ماڻيندو ۽ جيڪو ڪثرت سان انهن جي قبر جي زيارت ڪندو هجي ملائڪ ان جي قبر جي (يعني جڏهن هو فوت ٿيندو) زيارت لاءِ ايندا.

(نوادر الاصول للحكيم الترمذي ج 1 ص 73 حديث 98)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿2﴾ ڏهن حجن جو ثواب

جيڪو پنهنجي ماءُ يا پيءُ جي پاران حج ڪري، انهن (يعني ماءُ ۽ پيءُ) جي پاران حج ادا ٿي وڃي ته ان کي (يعني حج ڪرڻ واري کي) وڌيڪ ڏهن حجن جو ثواب ملندو. (دارقطني ج 2 ص 329 حديث 2587)

سُبْحٰنَ اللہ عَزَّوَجَلَّ! جڏهن به نفلي حج جي سعادت حاصل ٿئي ته فوت ٿي ويل ماءُ يا پيءُ جي نيّت ڪيو ته جيئن انهن کي به حج جو ثواب ملي، اوهان جو به حج ادا ٿي وڃي، بلڪ وڌيڪ ڏهن حجن جو ثواب پڻ حاصل ٿيندو، جيڪڏهن ماءُ يا پيءُ مان ڪو هن حال ۾ فوت ٿي ويو جو انهن تي حج فرض ٿيڻ جي باوجود اهي نه ڪري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

سگهيا هئا تہ هاڻي اولاد کي حجِ بدل جو شرف حاصل ڪرڻ گهرجي. ”حجِّ بدل“ جي تفصيلي احڪامن جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب ”رفيق الحرمين“ جي صفحي 204 کان 211 جو مطالعو ڪيو.

## ﴿3﴾ والدين جي طرفان خيرات

جڏهن توهان مان ڪو ڪجهہ نفلي خيرات ڪري تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرفان ڪري تہ ان جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ان (يعني خيرات ڪرڻ واري) جي ثواب ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ٿيندي. (شعب الايمان ج 6 ص 205 حديث 7911)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ روزي ۾ بي برڪتي جو سبب

ٻانهو جڏهن ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيندو آهي تہ ان جو رزق قطع ٿي ويندو آهي. (جمع الجوامع ج 1 ص 292 حديث 2138)

## ﴿5﴾ جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت

جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪندو ۽ انهن وٽ سورهءِ يٰسٓ پڙهندو تہ بخشيو ويندو. (الڪامل لابن عدي ج 6 ص 260)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی
نام رحمٰن ہے ترا یارب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

# ڪفن ڦاٽي پيا!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي جيڪي مسلمان دنيا مان گذاري ويندا آهن انهن لاءِ به ان پنهنجي فضل ۽ ڪرم جا دروازا کولي ڇڏيا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ جي عظيم رحمت جي باري ۾ هڪ ايمان افروز روايت پڙهو ۽ خوش ٿيو: الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي حضرت سيدنا اَرمِيا عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪجھ اهڙين قبرن وٽان لنگهيا جن تي عذاب ٿي رهيو هو. هڪ سال کان پوءِ جڏهن وري اتان لنگهيا ته عذاب ختم ٿي چڪو هو. پاڻ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ! ڇا سبب آهي جو پهريان انهن کي عذاب ٿي رهيو هو هاڻي ختم ٿي ويو؟ آواز آيو: ”اي ارميا! انهن جا ڪفن ڦاٽي پيا، وار وکري ويا ۽ قبرون ڊهي ويون ته مون انهن تي رحم ڪيو ۽ اهڙن ماڻهن تي مان رحم ئي ڪندو آهيان.

(شرح الصدور للسيوطي ص 313)

الله کی رَحمت سے تو جنّت ہی ملے گی اے کاش ! محلّے میں جگہ اُن کے ملی ہو
(وسائلِ بخشش ص ۱۹۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ”ڪرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان ايصالِ ثواب جون ٽي ايمان افروز فضيلتون

## ﴿1﴾ دعائن جي برڪت

مديني جي سلطان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مغفرت نشان آهي: منهنجي امت گناهن سان گڏ قبر ۾ داخل ٿيندي ۽ جڏهن نڪرندي ته

بي گناهہ هوندي ڇوتہ اها مؤمنن جي دعائن سبب بخشي ويندي آهي.
(المعجم الاوسط ج 1ص 509 حديث 1879)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ ايصالِ ثواب جو انتظار!

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ ارشاد آهي: مُرْدي جو حال قبر ۾ ٻُڏندڙ انسان وانگر آهي جو اُهو شدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ يا ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان تائين پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان تائين پهچندي آهي تہ ان لاءِ اها دُنيا و مَا فِيها (يعني دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجھ بہ آهي) کان بهتر هوندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ قبر وارن کي انهن جي زنده واسطيدارن جي طرفان هديو ڪيل ثواب جبلن برابر عطا فرمائيندو آهي، جيئرن جو هديو (يعني تحفو) مئلن جي لاءِ ”مغفرت جي دعا ڪرڻ آهي.“
(شعب الايمان ج 6 ص 203 حديث 7905)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روح گهرن ۾ اچي ايصال ثواب جو مطالبو ڪندا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو، مُرْدا پنهنجي قبرن تي اچڻ وارن کي سڃاڻندا آهن ۽ انهن کي جيئرن جي دعائن مان فائدو ٿيندو آهي. جڏهن زندهہ ماڻهن جي طرفان ايصال ثواب جا تحفا اچڻ بند ٿيندا آهن تہ انهن کي خبر پئجي ويندي آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي اجازت ڏيندو آهي تہ پوءِ گهرن ڏانهن وڃي ايصالِ ثواب جو مطالبو بہ ڪندا آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 9 صفحي 650 تي نقل ڪن ٿا: ”غرائب“ ۽ ”خزانه“ ۾ منقول آهي ته مؤمنن جا روح هر جمعه جي رات (يعني خميس ۽ جمعه جي وچ واري رات)، عيد جي ڏينهن، عاشوراء جي ڏينهن ۽ شبِ براءَت تي پنهنجي گهرن جي ٻاهران اچي بيهندا آهن ۽ هر روح وڏي غمگين آواز سان پڪاريندو آهي: اي منهنجا گهر وارؤ! اي منهنجا اولاد! اي منهنجا عزيزؤ! (اسان جي ايصال ثواب جي نيت سان) صدقو (خيرات) ڪري اسان تي مهرباني ڪريو.

ہے کون کہ گِریہ کرے یا فاتحہ کو آئے
بے کس کے اُٹھائے تِری رَحْمت کے بھَرَن پھول (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ ٻين لاءِ بخشش جي دعا گهرڻ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو سڀني مؤمن مردن ۽ عورتن جي لاءِ بخشش جي دعا گهرندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هر مومن مرد ۽ عورت جي عيوض هڪ نيڪي لکي ڇڏيندو آهي.

(مسند الشاميين للطبراني ج 3 ص 234 حديث 2155)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوش ٿيو! اربين ڪربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو ملي ويو! ظاهر آهي هن وقت روءِ زمين تي ڪروڙين مسلمان موجود آهن ۽ ڪروڙين بلڪ اربين دنيا مان گذاري ويا آهن، جيڪڏهن اسان سموري اُمت جي بخشش جي لاءِ دعا گهرنداسين ته

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منھنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رھندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رھندا.** (طبراني)

اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي اربين کربين نيڪين جو خزانو ملي ويندو. مان پنھنجي لاءِ ۽ سيني مومنن ۽ مومنات جي لاءِ دعا لکان ٿو. (اول آخر درود شريف پڙھو) اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تمام گھڻيون نيڪيون ملنديون.

اَللّٰھُمَّ اغْفِرْلِیْ وَلِکُلِّ مُؤْمِنٍ وَّمُؤْمِنَةٍ

يعني اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منھنجي ۽ ھر مؤمن ۽ مؤمنہ جي مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اوھان بہ مٿي ڏنل دعا کي عربي يا سنڌي يا ٻئي زبانن ۾ ھينئر ئي ۽ ٿي سگھي تہ روزانو پنجئي نمازن کان پوءِ پڙھڻ جي عادت بڻايو.

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل
نام غفّار ہے ترا یارب! (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نوراني لباس

ھڪ بزرگ پنھنجي مرحوم پيءُ کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيائين: ڇا زنده ماڻھن جي دعا توھان کي پھچندي آھي؟ مرحوم جواب ڏنو: ”ھا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اھا نوراني لباس جي صورت ۾ ايندي آھي، اسين ان کي پائي وٺندا آھيون.“ (شرح الصدور ص 305)

جلوۂ یار سے ہو قبر آباد
وحشتِ قبر سے بچا یارب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

## نوراني ٿالهه

منقول آهي: جڏهن ڪو شخص ميّت ڪي اِيصال ثواب ڪندو آهي تہ جبرئيل عَلَیْہِ السَّلَام ان کي نوراني ٿالهہ ۾ رکي قبر جي ڪناري بيهي رهندا آهن ۽ چوندا آهن: ”اي قبر وارا! هي تحفو تنهنجي گهر وارن تو لاءِ موڪليو آهي قبول ڪر“ هي ٻڌي اهو خوش ٿيندو آهي ۽ ان جا پاڙيسري پنهنجي محرومي تي غمگين ٿيندا آهن. (ايضاً ص 308)

قبْر میں آہ! گُھپ اندھیرا ہے فَضْل سے کر دے چاندنا یارب !

(وسائلِ بخشش ص۸۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مُڙدن جي تعداد برابر ثواب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو قبرستان ۾ يارهن ڀيرا سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙهي، مُڙدن کي ان جو ايصال ثواب ڪري تہ مُڙدن جي تعداد برابر ايصال ثواب ڪرڻ واري کي، ان جو اجر ملندو.

(جمع الجوامع للسيوطي ج 7 ص 285 حديث 23152)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سيني قبرن وارن کي سفارشي بنائڻ جو عمل

ٻنهي جهانن جي سلطان، شفيع مجرمان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص قبرستان ۾ داخل ٿيو پوءِ ان سُوْرَةُ الْفَاتِحَہ، سُوْرَةُ الْاِخْلَاص ۽ سُوْرَةُ التَّكَاثُر پڙهي پوءِ هي دعا گهري: ”ياالله عَزَّوَجَلَّ مون جيڪو ڪجهہ قرآن پڙهيو ان جو ثواب مؤمن مردن ۽ عورتن کي پهچاءِ تہ اهي سيئي قيامت جي ڏينهن هن (ايصالِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

ثواب ڪرڻ واري) جا سفارشي ٿيندا.“ (شرح الصدور ص 311)

ہر بھلے کی بھلائی کا صدقہ
اس بُرے کو بھی کر بھلا یارب! (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سورهءِ اخلاص جي ايصالِ ثواب جي حڪايت

حضرت سيدنا حمّاد مڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: مان هڪ رات مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي قبرستان ۾ سمهي پيس ڇا ٿو ڏسان تہ قبر وارا قطارن ۾ بيٺل آهن مون انهن کان پڇا ڪئي ڇا قيامت قائم ٿي وئي؟ انهن چيو نہ، ڳالھ دراصل هي آهي تہ هڪ مسلمان ڀاءُ سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙهي، اسان کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ اهو ثواب اسين هڪ سال کان تقسيم ڪري رهيا آهيون.

(شرح الصدور ص 312)

سَبَقَتْ رَحْمَتِىْ عَلٰى غَضَبِىْ تو نے جب سے سنادیا یارب!
آسرا ہم گنہگاروں کا اور مضبوط ہوگیا یارب! (ذوقِ نعت)

## اُمِّ سعد رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي لاءِ کوھ

حضرت سيدنا سعد بن عُباده رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي ماءُ فوت ٿي وئي آهي (مان ان جي طرفان صدقو يعني خيرات ڪرڻ چاهيان ٿو) ڪهڙو صدقو افضل رهندو؟ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”پاڻي“ پوءِ انهن هڪ کوھ کوٽايو ۽ چيو: هٰذِهٖ لِاُمِّ سَعْد يعني ”هي اُمِّ سعد رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي لاءِ آهي“.

(سنن ابي داوٗد ج 2 ص 180 حديث 1681)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

## هي غوث اعظم جو ٻڪر آهي چوڻ ڪيئن!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيدنا سعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي انهي ارشاد ”اهو کوهه اُمِّ سعد (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا) جي لاءِ آهي“ جي معنيٰ اها آهي ته هي کوهه حضرت سيدنا سعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ماءُ جي ايصال ثواب لاءِ آهي. هن مان خبر پئي ته مسلمانن جو ڳئون ٻڪري وغيره کي بزرگن ڏانهن منسوب ڪرڻ مثال طور ائين چوڻ ته ”هي سيدنا غوث پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو ٻڪر آهي“ هن ۾ ڪو حرج ناهي ڇوته هن مان مراد به اها آهي ته هي ٻڪر غوث پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جي ايصالِ ثواب لاءِ آهي ۽ قرباني جي جانور کي به ته ماڻهو هڪٻئي ڏانهن ئي منسوب ڪندا آهن، مثلاً ڪو قرباني جي لاءِ ٻڪر وٺي اچي رهيو هجي ۽ جيڪڏهن اوهان ان کان پڇيو ته هي ڪنهن جو ٻڪر آهي؟ ته ان هن طرح جواب ڏنو ته ”منهنجو ٻڪر آهي“ يا ”منهنجي مامي جو ٻڪر آهي“ جڏهن اهو چوڻ واري تي اعتراض ناهي ته ”غوث پاڪ جو ٻڪر“ چوڻ واري تي به اعتراض نه هئڻ گهرجي. حقيقت ۾ هر شيءِ جو مالڪ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ئي آهي ۽ قرباني جو ٻڪر هجي يا غوث پاڪ جو ٻڪر، هر جانور کي ذبح ڪرڻ وقت **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو نالو ورتو ويندو آهي، اسان کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ وسوسن کان نجات بخشي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ”رب جي رحمت جي ڇا ڳالهه ڪجي“ جي اوٽيهن اکرن جي نسبت سان ايصال ثواب جا 19 مدني گل

﴿1﴾ ايصالِ ثواب جي لفظي معنيٰ آهي: ”ثواب پهچائڻ“ هن کي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

"ثواب بخشڻ" بہ چئبو آهي، پر بزرگن جي لاءِ "ثواب بخشڻ" چوڻ مناسب نہ آهي، "ثواب نذر ڪرڻ" چوڻ ادب جي وڏيڪ ويجهو آهي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: چاهي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي يا نبي يا ولي ڪي "ثواب بخشڻ" چوڻ بي ادبي آهي، بخشڻ وڏي جي طرفان ننڍي لاءِ هوندو آهي بلڪ نذر ڪرڻ يا هديو ڪرڻ چئجي. (فتاوىٰ رضويہ ج 26 ص 609)

﴿2﴾ فرض، واجب، سنت، نفل، نماز، روزو، زڪوٰة، حج، نعت شريف، ذڪرالله، درود شريف، بيان، درس، مدني قافلن ۾ سفر، مدني انعامات، علاقائي دؤرو براءِ نيڪي جي دعوت، ديني ڪتابن جو مطالعو، مدني ڪمن جي لاءِ انفرادي ڪوشش وغيره هر نيڪ ڪم جو ايصال ثواب ڪري سگهو ٿا.

﴿3﴾ ميّت جو ٽيجهو، ڏهو، چاليهو، ۽ ورسي (ٻارهو) ڪرڻ سنا ڪم آهن ڇوتہ اهي ايصال ثواب جا ئي ذريعا آهن شريعت ۾ ٽيجهي جو عدم جواز (يعني ناجائز هجڻ) جو دليل نہ هجڻ خود جائز هجڻ جو دليل آهي ۽ زنده جو ميّت جي لاءِ دعا گهرڻ قرآن ڪريم مان ثابت آهي جيڪا ايصال ثواب جو اصل (يعني بنياد) آهي سيپاري 28 سُوْرَةُ الْحَشْر جي آيت نمبر 10 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهي جيڪي انهن کان پوءِ آيا عرض ڪن ٿا، اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي ڀائرن کي جن اسان کان اڳي ايمان آندو.

﴿4﴾ ٽيجهي وغيره جي ماني صرف انهيءَ صورت ۾ ميّت جي ڇڏيل

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

مال مان ڪري سگهو ٿا جڏهن تہ سڀ وارث بالغ هجن ۽ سڀئي اجازت بہ ڏين جيڪڏهن هڪ وارث بہ نابالغ آهي تہ سخت حرام آهي، ها بالغ پنهنجي حصي مان ڪري سگهي ٿو.
(بهار شريعت ج 1 حصہ 4 ص 822)

﴿5﴾ ٽيجهي جي ماني جڏهن تہ عام طور تي دعوت جي صورت ۾ ٿيندي آهي ان ڪري اميرن لاءِ جائز نہ آهي رڳو غريب ۽ مسڪين کائن، ٽن ڏينهن کان پوءِ ميّت جي ماني کائڻ کان شاهوڪارن (يعني جيڪي فقير نہ هجن انهن) کي بچڻ گهرجي. فتاويٰ رضويہ جلد 9 صفحي 667 تي ميت جي ماني جي باري ۾ هڪ مفيد سوال جواب پيشِ خدمت آهي. سوال: ڇا اهو قول طَعَامُ الْمَيِّتِ يُمِيْتُ الْقَلْبِ (ميّت جي ماني دل مرده ڪندي آهي) مُسْتَنَد آهي، جيڪڏهن مُسْتَنَد آهي تہ انهيءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: هي تجربي جي ڳالهہ آهي ۽ انهيءَ جي معنيٰ اها آهي تہ جيڪي ميت جي ماني جي خواهش رکندا آهن، انهن جي دل مرده ٿي ويندي آهي، ذِڪر ۽ اِطاعتِ الاهي جي لاءِ حيات ۽ چستي ان ۾ نہ هوندي آهي ڇو تہ اهي پنهنجي پيٽ جي گرهہ لاءِ مسلمانن جي موت جا منتظر رهندا آهن ۽ ماني کائڻ وقت موت کان غافل ۽ ان جي مزي ۾ مشغول هوندا آهن. وَاللّٰهُ تعالٰى اَعلَم. (فتاوىٰ رضويہ ج 9 ص 667)

﴿6﴾ ميت جي گهروارن جيڪڏهن ٽيجهي جي ماني ڪئي تہ (شاهوڪار نہ کائن) رڳو فقراءُ کي کارائجي، مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد اول صفحي 853 تي آهي: ميت جي گهروارن ٽيجهي وغيره جي دعوت ڪئي تہ ناجائز ۽ بدعتِ قبيحہ (يعني بري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ متيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

بدعت) آهي چوتہ دعوت خوشي جي وقت مَشروع (يعني شرع جي موافق) آهي، غم جي وقت نہ ۽ جيڪڏهن فقيرن کي کارائجي تہ بهتر آهي. (ايضاً ص 853)

﴿7﴾ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ائين ٿي چاليهي يا ورسي يا ڇهہ مهينن تي بنا ايصال ثواب جي نيت سان صرف رسمي طور تي ماني تيار ڪندا آهن ۽ "شادين جي دعوت" وانگر برادري ۾ ڪارائيندا آهن، اهو بہ بي اصل آهي، جنهن کان اِحتِراز (يعني پرهيز ڪرڻ) گهرجي. (فتاوىٰ رضويہ ج 9 ص 671) بلڪ اها ماني ايصال ثواب ۽ ٻين سٺين نيتن سان هئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪو ايصالِ ثواب جي لاءِ ڪاڌي جو بندوبست نہ بہ ڪري تڏهن بہ ڪو حرج ناهي.

﴿8﴾ هڪ ڏينهن جي ٻار کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا ان جو ٽيجهو وغيره ڪرڻ ۾ بہ حرج ناهي ۽ جيڪي زنده آهن انهن کي بہ ايصال ثواب ڪري سگهجي ٿو.

﴿9﴾ انبياء ۽ مرسلين عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ملائڪن ۽ مسلمان جِنّات کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو.

﴿10﴾ يارهين شريف، رجبي شريف (يعني 22 رَجبُ المُرَجَّب جو سيّدنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا ڪوندا ڪرڻ) وغيره جائز آهي. ڪونڊي ۾ ئي کيرڻي کارائڻ ضروري ناهي ٻي ٿانو ۾ بہ کارائي سگهو ٿا ان کي گهر کان ٻاهر بہ کڻي وڃي سگهو ٿا، انهي موقعي تي جيڪا "ڪهاڻي" پڙهي ويندي اها بي اصل آهي. يٰسٓ شريف پڙهي 10 قرآن ڪريم ختم ڪرڻ جو ثواب ڪمايو ۽ ڪوندن سان گڏوگڏ ان جو بہ

ايصال ثواب ڪيو.

﴿11﴾ داستانِ عجیب٬ شہزادی کا سر٬ دس بیبیوں کی کہانی٬ جناب سیدہ کی کہانی وغيره اهي سڀ من گهڙت (ڪوڙا) قصا آهن، انهن کي هرگز نہ پڙهندا ڪريو. اهڙي طرح هڪ پمفليٽ "وصيت نامو" نالي سان ماڻهو ورهائيندا آهن جنهن ۾ ڪنهن "شيخ احمد" جو خواب لکيل هوندو آهي اهو بہ جعلي آهي ان ۾ مخصوص تعداد ۾ ورهائڻ جي فضيلت ۽ نہ ورهائڻ جا نقصان وغيره لکيل هوندا آهن انهن تي اعتبار نہ ڪريو.

﴿12﴾ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي فاتحہ جي کاڌي کي تعظيماً "نذر ۽ نياز" چون ٿا ۽ اهو تَبَرُّڪ (يعني برڪتن وارو) آهي ان کي امير، غريب سيئي کائي سگهن ٿا.

﴿13﴾ "نياز" ۽ "ايصالِ ثواب" جي کاڌي تي فاتحہ پڙهائڻ جي لاءِ ڪنهن کي گهرائڻ يا ٻاهرين مهمان کي کارائڻ شرط ناهي، گهر ڀاتي جيڪڏهن پاڻ ئي فاتحہ پڙهي، کائي ڇڏين تڏهن بہ ڪو حرج ناهي.

﴿14﴾ روزانو جيترا ڀيرا کاڌو کائو حسبِ حال سنين سنين نيتن سان کائو ان ۾ جيڪڏهن ڪنهن بزرگ جي ايصالِ ثواب جي نيّت ڪري ڇڏيو تہ تمام سُٺي ڳالهہ آهي مثلاً ناشتي ۾ نيّت ڪريو هاڻي اڄ جي ناشتي جو ثواب سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي وسيلي سان سڀني نبِيّن عَلَيهِمُ السَّلَام کي پهچي. ٻنپهرن جو اها نيّت ڪريو جيڪو کاڌو کائيندس ان جو ثواب سرڪار غوث اعظم ۽ تمام اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام کي پهچي، رات جو نيت ڪريو هاڻي جيڪو کائيندس ان جو ثواب امام اهلسنت امام احمد رضا خان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ۾ هر مسلمان مرد ۽ عورت کي پهچي يا هر ڀيري سيني کي ايصالِ ثواب ڪيو وڃي ۽ اهوئي اَنْسَب (يعني زياده مناسب) آهي.
ياد رهي! ايصال ثواب رڳو انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهندو جڏهن اهو ڪاڌو ڪنهن سٺي نيت سان کاڌو وڃي. مثال طور عبادت تي طاقت حاصل ڪرڻ جي نيت سان کاڌائين ته هي کائڻ ثواب جو ڪم ٿيو، ان جو ايصال ثواب ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هڪ به سٺي نيت نه هوندي ته کاڌو کائڻ ته مباح ٿيندو پر ان تي نه ڪو ثواب ۽ نه ئي گناهه. جڏهن ثواب ئي نه مليو ته ايصالِ ثواب ڇا جو! البت ٻين کي ثواب جي نيت سان کارايو هوندائين ته انهيءَ کارائڻ جو ثواب پهچائي سگهجي ٿو.

﴿15﴾ سٺين سٺين نيتن سان کاڌي ويندڙ ماني کان پهريان ايصالِ ثواب ڪريو يا کائڻ کان پوءِ، ٻئي طريقا صحيح آهن.

﴿16﴾ ٿي سگهي ته هر ڏينهن (نفعي تي نه بلڪ) پنهنجي وڪري (Sale) جو چوٿائي سيڪڙو (يعني چار سؤ روپين تي هڪ روپيو) ۽ ملازمت ڪرڻ وارا پگهار مان هر مهيني گهٽ مان گهٽ هڪ سيڪڙو سرڪار غوث اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكرَم جي نياز جي لاءِ ڪڍندا ڪريو. انهي رقم مان ديني ڪتاب ورهايو يا ڪنهن به نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪريو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ هن جون برڪتون پاڻ ئي ڏسندؤ.

﴿17﴾ مسجد يا مدرسي جو ناهڻ، صدقہ جاريہ ۽ ايصال ثواب جو بهترين ذريعو آهي.

﴿18﴾ جيترن کي به ايصال ثواب ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ اميد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

آهي تہ سڀني کي پورو ملندو، ائين ناهي تہ ثواب ورهائجي حصا ٿي ملندو. ايصالِ ثواب ڪرڻ واري جي ثواب ۾ ڪا گهٽتائي نہ ٿيندي بلڪ هي اميد آهي تہ هن جيترن کي ايصالِ ثواب ڪيو انهن سڀني جي تعداد جيترو (ايصال ثواب ڪرڻ واري) کي ثواب ملندو. مثال طور ڪو نيڪ ڪم ڪيائين جنهن تي ان کي ڏهہ نيڪيون مليون هاڻي هن ڏهن مُردن کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ هر هڪ کي ڏهہ ڏهہ نيڪيون پهچنديون، جڏهن تہ ايصالِ ثواب ڪرڻ واري کي هڪ سؤ ڏهہ ۽ جيڪڏهن هڪ هزار کي ايصالِ ثواب ڪيائين تہ هن کي ڏهہ هزار ڏهہ. وعليٰ هٰذا القياس (بهار شريعت ج 1 حصہ 4 ص 850)

﴿19﴾ ايصالِ ثواب صرف مسلمان کي ڪري سگهو ٿا، ڪافر يا مُرتَد کي ايصالِ ثواب ڪرڻ يا ان کي مرحوم، جنتي، خلد آشيان، مغفور، جنت ۾ رهندڙ چوڻ ڪفر آهي.

## ايصالِ ثواب جو طريقو

ايصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ) جي لاءِ دل ۾ نيت ڪرڻ ڪافي آهي، مثال طور اوهان ڪنهن کي هڪ روپيو خيرات طور ڏنو يا هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيو يا ڪنهن کي هڪ سنّت ٻڌائي يا ڪنهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪي جي دعوت ڏني يا سنّتن ڀريو بيان ڪيو. مطلب تہ ڪو بہ نيڪ ڪم ڪيوَ، اوهان دل ۾ هن طرح نيّت ڪري ڇڏيو مثال طور: "هاڻي مون جيڪا سنّت ٻڌائي ان جو ثواب سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پهچي" اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ثواب پهچي ويندو. دل ۾ نيت هئڻ سان گڏوگڏ زبان سان چوڻ بہ بهتر آهي جو هي صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان ثابت آهي جيئن حضرت سَعد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ واري حديث ۾ گذريو تہ انهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

کوهہ کوٽائي فرمايو: هٰذِهٖ لِاُمِّ سَعد يعني ”هي اُمِّ سَعد جي لاءِ آهي.“

## ايصالِ ثواب جو رائج طريقو

اڄڪلهہ مسلمانن ۾ خاص ڪري ڪاڌي تي جيڪو فاتحہ جو طريقو رائج آهي اهو بہ تمام سٺو آهي. جن ڪاڌن جو ايصالِ ثواب ڪرڻو آهي اهو سڀ يا سيني مان ٿورو ٿورو ڪاڌو ۽ هڪ گلاس ۾ پاڻي پري اڳيان رکو.

هاڻي:

اَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ○

پڙهي هڪ ڀيرو:

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ○

قُلۡ یٰۤاَیُّہَا الۡکٰفِرُوۡنَ ۙ﴿۱﴾ لَاۤ اَعۡبُدُ مَا تَعۡبُدُوۡنَ ۙ﴿۲﴾ وَ لَاۤ اَنۡتُمۡ عٰبِدُوۡنَ مَاۤ اَعۡبُدُ ۚ﴿۳﴾ وَ لَاۤ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدۡتُّمۡ ۙ﴿۴﴾ وَ لَاۤ اَنۡتُمۡ عٰبِدُوۡنَ مَاۤ اَعۡبُدُ ؕ﴿۵﴾ لَکُمۡ دِیۡنُکُمۡ وَلِیَ دِیۡنِ ﴿۶﴾

ٽي ڀيرا:

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ○

قُلۡ ہُوَ اللّٰہُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰہُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ یَلِدۡ ۬ۙ وَ لَمۡ یُوۡلَدۡ ۙ﴿۳﴾ وَ لَمۡ یَکُنۡ لَّہٗ کُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾

هڪ ڀيرو:

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۝١ۙ مِنۡ شَرِّ مَا خَلَقَ ۝٢ۙ وَمِنۡ شَرِّ
غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۝٣ۙ وَمِنۡ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِى الۡعُقَدِ ۝٤ۙ وَمِنۡ
شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ۝٥

**هڪ ڀيرو:**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۝١ۙ مَلِكِ النَّاسِ ۝٢ۙ اِلٰهِ النَّاسِ ۝٣ۙ
مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ ۙ۬ الۡخَنَّاسِ ۝٤ۙۖ الَّذِىۡ يُوَسۡوِسُ فِىۡ
صُدُوۡرِ النَّاسِ ۝٥ۙ مِنَ الۡجِنَّةِ وَالنَّاسِ ۝٦

**هڪ ڀيرو:**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۝١ۙ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝٢ۙ مٰلِكِ
يَوۡمِ الدِّيۡنِ ۝٣ؕ اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَاِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ۝٤ؕ اِهۡدِنَا
الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۝٥ۙ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬ۥ
غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ۝٧

**هڪ ڀيرو:**

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

الٓمّٓ ۚ﴿۱﴾ ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ ۛۚ فِيۡهِ ۛۚ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿۲﴾
الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡغَيۡبِ وَيُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ
يُنۡفِقُوۡنَ ۙ﴿۳﴾ وَالَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَمَآ اُنۡزِلَ
مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ وَبِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَ ؕ﴿۴﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى
مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ۖ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۵﴾

پڙهڻ کان پوءِ هي 5 آيتون پڙهو:

﴿1﴾ وَاِلٰهُكُمۡ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحۡمٰنُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۶۳﴾
(پ۲، البقرة:۱۶۳)

﴿2﴾ اِنَّ رَحۡمَتَ اللّٰهِ قَرِيۡبٌ مِّنَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۵۶﴾
(پ۸، الاعراف:۵۶)

﴿3﴾ وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۰۷﴾ (پ۱۷،الانبياء:۱۰۷)

﴿4﴾ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنۡ رِّجَالِكُمۡ وَلٰكِنۡ رَّسُوۡلَ
اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيۡءٍ عَلِيۡمًا ﴿۴۰﴾
(پ۲۲، الاحزاب:۴۰)

﴿5﴾ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوۡنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ
اٰمَنُوۡا صَلُّوۡا عَلَيۡهِ وَسَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا ﴿۵۶﴾ (پ۲۲ ،الاحزاب:۵۶)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

هاڻي درود شريف پڙهو:

صَلَّى اللهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله

انهي کان پوءِ هي آيتون پڙهو:

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۲﴾ (پ۲۳ سُوْرَةُ الصّٰفّٰت ۱۸۰،۱۸۲)

هاڻي هٿ کڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو وڏي آواز سان "الفاتحہ" چوي. سيئي ماڻهو آهستي يعني ايتري آواز سان جو پاڻ ٻڌن، سورت فاتحہ پڙهن، هاڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو هن طرح اعلان ڪري: "مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان جيڪي ڪجهہ پڙهيو آهي اُن جو ثواب منهنجي حوالي ڪريو." سيئي حاضرين چون: "توهان کي ڏنو" هاڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو ايصال ثواب ڪري.

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي فاتحہ جو طريقو

ايصالِ ثواب لاءِ الفاظ لکڻ کان پهريان امامِ اهلسنت، اعليٰ حضرت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فاتحہ کان پهريان جيڪي سورتون وغيره پڙهندا هئا اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

هڪ ڀيرو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿۲﴾ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿۳﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ﴿۴﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۵ۙ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿۷﴾

**هڪ ڀيرو:**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿۲۵۵﴾ (پ۳، البقرة:۲۵۵)

**ٽي ڀيرا:**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ﴿۲﴾ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ﴿۳﴾ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾

## ايصالِ ثواب جي لاءِ دُعا جو طريقو

**يااللّٰه** عَزَّوَجَلَّ! جيڪو ڪجهه پڙهيو ويو (جيڪڏهن ڪاڌو وغيره آهي ته هيئن به چئو) جيڪو ڪجهه ڪاڌو وغيره پيش ڪيو ويو آهي، اُن جو ثواب اسان جي ناقص عمل نه پر پنهنجي ڪرم جي شايان شان عطا فرماءِ، ۽ ان کي اسان جي طرفان پنهنجي پياري محبوب،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس .** (ڪنزالعمال)

**داناءِ غيوب** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي بارگاه ۾ نذرانو پهچاءِ. سرڪار مدينه** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي واسطي سان سيني انبياء ڪرام** عَلَیْہِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام **سيني صحابه ڪرام** عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان **سيني اولياء عظام** رَحِمَہُمُ اللہُ السَّلَام **جي حضور نذرانو پهچاءِ. سرڪار مدينه** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي واسطي سان سيدنا آدم صفِيُّ الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **ڪان وٺي اڄ تائين جيڪي انسان، جن مسلمان ٿيا، يا قيامت تائين ٿيندا سيني کي پهچاءِ.** انهيءَ دوران بهتر اهو آهي ته جن جن بزرگن کي خاص ڪري ايصال ثواب ڪرڻو آهي انهن جا به نالا وٺندا وڃو. پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ٻين رشتيدارن ۽ پير و مرشد کي به نالي سان ايصال ثواب ڪريو. (مري ويلن مان جن جن جا نالا وٺندؤ انهن کي خوشي ٿيندي آهي جيڪڏهن ڪنهن جو نالو ونو رهجو ايترو ئي چئي ڇڏيو ته يا **الله** عَزَّوَجَلَّ ! انهي جو ثواب اڄ تائين جيترا به ايمان وارا ٿيا انهن سڀن کي پهچاءِ تڏهن به هرهڪ کي پهچي ويندو. اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ هاڻي معمول مطابق دُعا ختم ڪريو. (جيڪڏهن ٿورو ٿورو کاڌو ۽ پاڻي ڪڍيو هو ته اُهو واپس ڪاڌي ۽ پاڻي ۾ وجهي ڇڏيو)

## دعوت ۾ اهم احتياط

جڏهن به اوهان وٽ نياز يا ڪنهن قسم جي تقريب هجي، جماعت جو وقت ٿيندي ئي ڪا شرعي ممانعت نه هجي ته انفرادي ڪوشش جي ذريعي سيني مهمانن سميت باجماعت نماز لاءِ مسجد جو رُخ ڪيو. بلڪ اهڙن وقتن ۾ دعوت ئي نه رکو جو وچ ۾ نماز جو وقت ٿئي ۽ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ سستي جي ڪري جماعت نڪري وڃي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ﮬ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ﮬ سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

منجهند جي ماني لاءِ ظهر نماز کان پوءِ ۽ شام جي ماني لاءِ عشاء نماز کان پوءِ مهمانن کي گهرائڻ ۾ غالبًا باجماعت نمازن لاءِ آساني آهي. ميزبان، بورچي، ماني ورهائڻ وارن، سيني کي گهرجي تہ جيئن ئي نماز جو وقت ٿئي، سيئي ڪم ڪار ڇڏي باجماعت نماز جو اهتمام ڪن. بزرگن جي ”نياز جي دعوت“ جي مصروفيت ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ”نماز باجماعت“ ۾ ڪوتاهي تمام وڏو گناھ آهي.

## مزار تي حاضري جو طريقو

بزرگن جي ظاهري زندگي ۾ ﮬ قدمن واري پاسي کان يعني چهري جي سامهون حاضر ٿيڻ گهرجي، پنيئن پاسي اچڻ جي ڪري انهن کي مُڙي ڏسڻ جي زحمت ٿيندي آهي. تنهن ڪري بزرگانِ دين جي مزارن تي ﮬ پيراندي (يعني قدمن) واري پاسي کان حاضر ٿي پوءِ قبلي کي پٺي ڏئي صاحبِ مزار (مزار واري) جي چهري واري پاسي منهن ڪري گهٽ مان گهٽ چار هٿ (يعني اٽڪل ﮬ گز) پري بيهي، هن طرح سان سلام عرض ڪجي:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاسَيِّدِيْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ

هڪ ڀيرو سُوْرَةُ الْفَاتِحَه ۽ 11 ڀيرا سُوْرَةُ الْاِخْلَاص (اول آخر هڪ يا ٽي ڀيرا درود شريف) پڙهي، هٿ ڪٽي مٿي ڏنل طريقي جي مطابق (مزار واري جو نالو وٺي ﮬ) ايصال ثواب ڪري ۽ دعا گهري. ”احسن الوعاء“ ۾ آهي: ولي جي مزار وٽ دعا قبول ٿيندي آهي. (احسن الوعاء ص 140)

الٰہی واسِطہ کل اولیا کا ‍ ‍ ‍ ‍ مِرا ہر ایک پورا مُدَّعا ہو

فرمان مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| مرحوم رشتيدار کي خواب ۾ ڏسڻ جو طريقو | 1 |
| ﴿1﴾ مقبول حج جو ثواب | 3 |
| ﴿2﴾ ڏهن حجن جو ثواب | 3 |
| ﴿3﴾ والدين جي طرفان خيرات | 4 |
| ﴿4﴾ روزي ۾ بي برڪتي جو سبب | 4 |
| ﴿5﴾ جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت | 4 |
| ڪفن ڦاٽي پيا | 5 |
| ٽي ايمان افروز فضيلتون | 4 |
| ﴿1﴾ دعائن جي برڪت | 5 |
| ﴿2﴾ ايصالِ ثواب جو انتظار! | 6 |
| روح گهر اچي ايصال ثواب جو مطالبو ڪندا آهن | 6 |
| ﴿3﴾ ڀين لاءِ بخشش جي دعا گهرڻ جي فضيلت | 7 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| اربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو! | 7 |
| نوراني لباس | 8 |
| نوراني ٿالهه | 9 |
| مُڙدن جي تعداد برابر ثواب | 9 |
| سيني قبرن وارن کي سفارشي بنائڻ جو عمل | 9 |
| سورهءِ اخلاص جي ايصالِ ثواب جي حڪايت | 10 |
| اُمِّ سعد جي لاءِ کوهه | 10 |
| ايصال ثواب جا 19 مدني گل | 11 |
| ايصالِ ثواب جو طريقو | 17 |
| ايصالِ ثواب جو رائج طريقو | 18 |
| اعليٰ حضرت جي فاتحه جو طريقو | 21 |
| ايصال ثواب جي لاءِ دُعا جو طريقو | 22 |
| دعوت ۾ اهم احتياط | 23 |
| مزار تي حاضري جو طريقو | 24 |


# مأخذ و مراجع


| ڪتاب | مطبوعه | ڪتاب | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| قرآن كريم | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي | الكامل | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ابي داود | داراحياء التراث العربي بيروت | التذكرة | دار السلام مصر |
| دار قطني | مدينة الاوليا ملتان شريف | شرح الصدور | مركز اهلسنت بركات رضا هند |
| معجم اوسط | دار الكتب العلمية بيروت | احسن الوعا | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | فتاوي رضويه | رضا فائونديشن لاهور |
| نوادر الاصول | مكتبة الامام البخاري | بهار شريعت | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي |
| مسند الشامين | مؤسسة الرسالة بيروت | حدائق بخشش | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي |
| جمع الجوامع | دار الكتب العلمية بيروت | وسائل بخشش | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي |


هڪ چُپ سؤ سُک